# سهڻي



# سُهڻي

پبليڪيشنس

بهترين ادب

سهيڙيندڙ

طارق اشرف

قيمت ٤-٠٠ رپيا

sohni PUBLICATIONS
F/45-750, WEST KUTCHA
HYDERABAD-SIND

# ترتيب

## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي طرفان | طارق اشرف | ٢ |
| حسن هجي، جواني هجي | نجم عباسي | ٦ |
| ٽٽل پڳل ٿهڪ | شوڪت حسين شورو | ١٣ |
| هڻ ڪڻ | قاضي خادم | ٢٥ |
| سهڻي ٿي سڏ ڪري | عزيز ٽالپر | ٥٦ |
| لوئس | سمرسٽ ماهم | |
| | نصير اعجاز | ٧٢ |


## شعر


| | | |
|---|---|---|
| نظم | رسول بخش پليجو | ٨٦ |
| وائي | منشي ابراهيم | ٨٩ |
| سُر سورٺ | امداد حسيني | ٩٠ |
| نظم | ثريا سنڌي | ٩١ |
| وائي، نظم | واجد ناز | ٩٢ |


## ن


چوتڪاري لاءِ جاڪوڙ  سنڌيڪار: وليرام ولڀ ٩٣


---


ڊٽر: طارق اشرف

: سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ

جو مهينو: آڪٽوبر ١٩٧٧ع    تعداد: ٻه هزار

(سڀئي حق ء واسطا قائم)

# پنهنجي طرفان.....

نئين دؤر جي سهڻي پبليڪيشنس جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي. هرين ڪتاب کي جيڪا مقبوليت حاصل ٿي، انهيءَ جي مونکي ڪ ته نه، بلڪ اُميد به ڪونه هئي. پر ڪتاب هٿوهٿ وڪامجي ويو ۽ آرڊر اڃا تائين اچي رهيا آهن. مونکي خوشي آهي ته پڙهندڙن جي دلين ۾ اڃا به سهڻي پبليڪيشنس جي ڪتابن لاءِ ساڳي عزت ۽ ساڳيو قرب آهي. مان به يقين ڏياريان ٿو ته مان اوهانکي ڪڏهن ، مايوس نه ڪندس.

سهڻي پبليڪيشنس جي ڪتاب ’بهترين ڪهاڻيون‘ کي جتي ڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو، اُتي ڪن پڙهندڙن اها شڪايت به ڪئي ته ڪتاب جي قيمت ڳري آهي. مونکي انهيءَ ڳالهه جو حساس آهي، پر ڪڏهن انهيءَ تي به سوچيو ويو آهي ته آخر قيمت ڇو ڳري ٿي آهي. پنو مهانگو، ڇپائي مهانگي، بلاڪ جي ٺهرائي مهانگي، آرٽ پيپر مهانگو، پئسن جو وڏو اڌ سول ايجنٽ جي ڪميشن ۾ وڃي، پوءِ قيمت ڳري نه ٿئي ته ڀلا گهٽ ٿئي. تنهن هوندي به ڇپائيندڙ کي ايترو پئسو مس موٽي ٿو ملي جو هو ٻيو ڪتاب انهن پئسن ۾ ڪڍي سگهي.

هڪ ڳالهه ٻي به چوڻ گهران ٿو. مان پنهنجي قوم ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ خاطر جيل ۾ وڃي سگهان ٿو، منهنجي پريس بند ٿي سگهي

ٿي، رسالو بند ٿي سگهي ٿو، گهر ۾ پوليس گهڙي ٿي سگهي، مهنجا مائٽ مصيبتون برداشت ڪري سگهن ٿا، پر پڙهندڙ سنڌي ڪتاب وٺڻ وقت به اهو سوچي ٿو ته ـــ سنڌي ڪتاب سهانگو ملڻ گهرجي. آهو ٻئي تن رپين جي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونهي. (جيتوڻيڪ انهيءَ ڪي قرباني نه چوڻ گهرجي).

▲ هاڻ اوهين ٻڌايو ـ جڏهن پڙهندڙ جي سوچ اها هجي ته لکندڙ ڪيئن لکندو، ڪيئن هو قوم لاءِ آواز اٿاريندو ۽ سور سهندو.

▲ سهڻي پبليڪيشنس جي بهترين ڪتاب نڪرندي ئي مخالف اُٿي کڙا ٿيا آهن، ڪن مختلف رسالن کي خط لکڻ شروع ڪيا آهن، ڪن ڪتاب لکڻ شروع ڪيا آهن. منهنجي لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي، نه ئي مون انهيءَ جي ڪڏهن پرواهه ڪئي آهي، نه ئي ڏنو آهيان. انهيءَ جو ڪارڻ فقط اهو آهي ته مون سدائين سچ لکيو آهي، ۽ حق جو آواز بلند ڪيو اٿم. مونکي پنهنجي پڙهندڙن تي اعتماد آهي. انهن سدائين منهنجو ساٿ ڏنو آهي. سچ چا آهي، ڪوڙ چا آهي ـ وقت سدائين ٻڌائيندو رهيو آهي، وقت سدائين ٻڌائيندو رهندو.

▲ بهترين ڪهاڻيون تي بيشمار خط آيا آهن، پر صفحا نه بچڻ ڪري، آهي شايع نه ٿي سگهيا. ايندڙ ڪتاب 'نئون ادب' ۾ خط، آڳاٽو ادب ۽ پرک انشاءالله شامل هوندا.

ـ طارق اشرف

حسن مجي، جواني مجي
ٽنڊل پگل ٽرڪ
مرڻ ڪرڻ
سمهي ٿي سڏ ڪري
لوئس
(فينٽسي)

# ڪهاڻيون

نجم عباسي
شوڪت حسين شورو
قاضي خادم
عزيز ڪنگراڻي
سمر سٽ ماهم

نصير اعجاز

باقي پين، خاص ڪري شڪل جي ڪوجهن ۽ موروثي بيمارين ۾ ورتلن جي آپريشن ڪري هنن کي سدائين لاءِ اولاد پيدا ڪرڻ کان بيڪار بنايو وڃي. ان ريت ئي انسان گهٽي پاڳي بد صورتي، بيماري ۽ دماغي روڳن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو.“ ڊاڪٽر چيو.

”مان پاڻ سمجهان ٿي ته ان ريت دنيا جا سڀ ماڻهو گهٽي کان گهٽا سهڻا پيدا ٿيندا رهندا ۽ ڪيترين بيمارين کان بچاءُ ملي ويندو. جيئن تو هان اڪثر چوندا آهيو ته جيڪر دنيا ۾ هرهنڌ حسن هجي، جواني هجي.“

ڊاڪٽر ۽ رابيل جي پوئين گفتگو ٻڌي، وڏيري جومنهن ننڍڙو ٿي ويو. هو پيءُ وانگر شڪل جو ڪارو ڪوجهو هو. پڻس کي مرگهيءَ جي بيماري هئي، ڪيس ٻه ٽوري وقت کان مرگهيءَ جا دؤرا پوڻ لڳا هئا. هن سدائين پنهنجي اوچي نسل ۽ خانداني رت تي فخر ڪيو هو، پر هن وقت هنکي انهن ئي ڳالهين تي شرمساري محسوس ٿيڻ لڳي.

هنکي اوچي نسل جا ڪوت پڇندا، پرندا، ڍهندا ۽ ڪرندا، ۽ خانداني رت جي درياهن جا بند ٽٽندا نظر آيا. هو، جو رابيل جو حسن ڏسي لئه ۾ اچي ويو هو، ۽ ڳالهائڻ کان بس نٽي ڪيائين، تنهن جو هيئنئر ڳالهائڻ بند ٿي ويو، مڇون وڻ وسري ويس ۽ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين.

ڪراچيءَ جهڙي مهانگي شهر ۾ آءٌ ڪٿي رهي سگهان ها. بس،
هفتي ڪان پوءِ آخري انٽرويو ڏئي آءٌ پنهنجي گهر هليو ويندس."
مون نٿي چاهيو ته شمع مونکي ڪوڙا آٿت ڏئي. جيڪڏهن هوءَ
ڪجهه چوي ها ته سندس لفظ مونکي رسمي ۽ بي معنيٰ لڳن ها.
هوءَ چپ چاپ مونکي ڏسندي رهي.

شمع منهنجي ماسيءَ جي ڌيءَ هئي. هنجو پيءُ اناج جو واپاري
هو ۽ چڱو ڀلو ماڻهو هو. هنجا ايترا ڪانٽئڪٽ هئا جو ٿوري
ڪوشش ڪري ها ته مونکي اپري سپري نوڪري ملڻ ڏکي ڳالهه
نه هئي. پر هو گهر ۾ ايترو لاتعلق ۽ ڪهرو رهندو هو جو ڪيس چوڻ
جي همت ساري نه سگهيس. ماسيءَ جي ته پڇندو ئي ڪو نه هو.
ڪڏهن ڪڏهن منهن سامهون اچي ويندو هو ته پڇندو، "ڏي خبر،
ڇا ٿيو تنهنجو؟" ۽ آءٌ وراڻيندو هوس، "اڃا ته ڪجهه نه ٿيو آهي."
هو اڳتي وڌي ويندو هو.

آءٌ ڳوٺ هليو ويس. بابا ۽ امان انڪار ڪري ڇڏيو ته جيستائين
پنهنجن پيرن تي نه بيهندين تيستائين شمع جي ماڻهن سان ڳالهائڻ
نه ويندا. "اسين پنهنجو پيٽ مس ٿا ڀري سگهون، سو پرائي ڌيءَ
کي مصيبت ۾ وجهون." پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۾ مونکي گهڻو
وقت لڳي ويو ۽ شمع جي شادي ٿي وئي. هڪڙو وڏو واپاري،
جنهنجو ٻاهرين ملڪن ۾ به ڪاروبار هو. شمع جي پيءُ جو دوست
هو ۽ چاليهن سالن تائين ڪنوارو رهيو هو. شمع سان شادي ڪرڻ
کان پوءِ هو گهر گرهستيءَ وارو ٿي ويو ۽ شمع جي پيءُ جو هڪ
زبردست سودو طئي ٿي ويو.

آءٌ هتي تان ميندي روڙي وري ٿالهيءَ ۾ رکڻ لڳس. هڪڙي
مائيءَ ڏسي ورتو.
"اڙي ابا، هي ڇا ٿو ڪرين، اڃا ته رنگ لڳوئي ڪونه هوندو."
"مونکي هٿ ڳاڙها ڪرڻا نه آهن. اوهان ته پنهنجي ڳالهه پوري
ڪئي، هاڻي منهنجي مرضي."
"مائي، نينگرو آهي يا ڇا؟ ههڙي ڪار ته اسان ڪٿي ڪانه ڏٺي."

”پئي.“

”تو کي هتي سک اچي ٿو؟ مونجهه نه ٿئي محسوس ٿئي؟“

”نه“

”تنهنجي لاءِ هيءُ گهر نئون نه ڪونهي. تنهنجي مامي جو گهر آهي ۽ تون ننڍي هوندي کان هتي ايندي رهي آهين. گهبراهٽ نه اٿي ٿيندي آهي جتي ماڻهو زندگيءَ ۾ پهريون پيرو آيو هجي.“

هوءَ چپ.

”هوءَ تون گهر ۾ ڇا ڪندي هئين؟“

”ڪجهه نه.“

”ڪجهه نه ڇا؟ سچو ڏينهن هٿ هٿ تي رکي هڪڙي هنڌ نه ڪانه ويٺي هوندينءَ، ضرور ڪو ڪم ڪار ڊا ڪنهن مهل ڪا وندر ڪندي هوندينءَ!“

”ها.“

”ڇا ڪندي هئين؟“

”گهر جو ڪم.“

”ڪهڙو ڪم؟ رڌ پچاءُ ڪندي هئين؟“

”نه.“

”نه! تو ڪڏهن ڪجهه رڌيو ڪونه؟“

”نه.“

”تنهنجيون ساهيڙيون هونديون؟“

”ها.“

”تو جنهن مهل هنن کان موڪلايو هو تنهن وقت رُنيون هونديون؟“

هوءَ چپ.

”ڇو، ننڊ پئي اچئي يا طبيعت ٺيڪ ڪانه اٿئي؟“

”اُون هون.“

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ — آءٌ ٻاهران اچي رهيو هوس. ڪمري مان منهنجي زال ۽ سندس ساهيڙيءَ جا آواز پئي آيا. آءٌ هڪي در جي ٻاهران بيهي رهيس.

”ڀلا اهو ٻڌائي ته ادي، سان خوش ته آهين نه؟“ ساهيڙيءَ هن کان پڇيو.
”خوش ڏوڙ هوندس. ابا جيڏو تـه آهي....“ هن چڙ مان چيو ۽ ٻئي ڇٽيون ٿهڪ ڏيڻ لڳيون. مون چاهيو ته آءٌ ٻه ٿهڪ ڏيان وڏا وڏا، پر هنن جا ٿهڪ آسمان ڏانهن اڏامندڙ هئا ۽ منهنجا ٿهڪ ٽڪي ٽٽي هيٺ ڪري پون ها.

---

مير شير محمد مري، سردار شيرباز مزاري، سردار عبدالصمد خان پانيزي، شاهنواز خان جوڻيجو، رسول بخش پليجو، مير رسول بخش ٽالپر، منشي ابراهيم، فاضل راهو، شاهه محمد شاهه، چوڌري ظهور الاهي، پروفيسر غفور احمد، مفتي دائم الدين، مولوي مراد، زاهد بخاري، روشن جوڻيجو، عبدالحڪيم پير، آغا ظفرالله، فضل علي زيدي، ميرو لانگهو ۽ انهيءَ کان علاوه ٻين ڪيترن ئي جيل جي ساٿين تي لکيل خاڪا

پنهنجي موضوع جي لحاظ کان منفرد

طارق اشرف

جو نئون ڪتاب

جيل گهاريم جن سان

ڇاپي هيٺ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ميمڻ محلا، حيدرآباد، سنڌ

اها شوخي ۽ تيزي ياد هئي جيڪا هاڻ هنجي فطرت جو هڪ حصو ٿي لڳو. هنجو هي روپ مونکي ماري ويو. مونکي ائين لڳو ڄڻ ته اها هڻ ڪڻ جنهن ۾ تيزي ۽ شوخي هئي سا مري چڪي آهي. مونکي پنهنجي گهر جي در جي چائنٺ جي پرسان پيل اهـا مٺل هڻ ڪڻ ياد اچي وئي جنهنکي آءٌ نا سمجهيءَ ڪان چمڪندڙ رسي سمجهي ويٺو هئس ۽ هٿ وجي وڌو هومانس.

”پر تون .... تون هتي ڇو ويٺو آهين؟“ هڻ ڪڻ ڄڻ ته جاڳي پئي. آءٌ چرڪي ويس. هنجي اکين ۾ ساڳيا باهه جا اُلا هئا.

”توکي ڏک جو لڳو هو!“ مون هٿ هٽائيندي چيو.

”تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟“ هن ورې چيو ۽ ڪاوڙ سان اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين. مون هٿ وڌائي هنجي هٿ تي رکيو. هن پيو هٿ وڌائي منهنجي هٿ کي جهليو ۽ تنهن سان اهڙو ته زور ڏنائين جو هنجا ننهن منهنجي آڱرين ۾ چپي ويا. مون اکر به نه ڪڇيو. هنجي اکين ۾ ڏسي مرڪندو رهيس. هنجي ننهن جو زور منهنجي هٿ جي پٺيءَ تي وڌندو ويو. پر هنجي اکين جي باهه آهستي آهستي سرد ٿيندي وئي. تان جو اتي به هڪ سدا بهار مرڪ ڦهلجي وئي.

---

# ڏرتني پبليڪيشن

جو پهريون ڪتاب شايع ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي.

مـرتـب : خليل قاضي

بانهن ٻيلي: عزيز ڏاهپُر

جنهن ۾ سنڌ جي سيني نامور اديبن ۽ شاعرن جون ڳالهيون ۽ نون اديبن ۽ شاعرن جون ڇرڪائيندڙ تصنيفون آهن.

صفحا ١٤٠ قيمت صرف ٻه روپيا

ڪونہ ڪيي، مولا جو ڏنو سڀ ڪي آهي، ڪي هاٿي موڪل، ڪي ابابيل موڪل، ڪا ووڪ موڪل، تہ پٽڪو اسانکي ملي •

ساڃي سائين ساجرام پنهنجي پاليلِ مريد واڳوئن کي هڪل ڪئي، پنج پاڻاٽتا ويڙهو واڳون ۽ گنگا جمنا جا تڙيل واڳون نڪري پيا. ديرئي ڪو نہ ڪيائون، جهپ هڻي مـُک مانگر جو پٽڪو لاهي وڌائون • پنهنجي هٿن سان، پنهنجي مٿن تي رکڻ جي ڪوشش ڪيائون، ملڪ جي ميهارن کي خبر نڪا ڇا• پٽڪو پيو ٿو ڦيري، هڪڙي واڳون تان لهي، ٻئي واڳون تي چڙهي، ويچارا ميهار پٽڪي ٻڌڻ کان تہ ويل، پر ٻڌائڻ کان بہ ويا. ٻين هنڌن تي تہ ميهار گڏجي ڪنهنکي پٽڪو ٻڌندا آهن، پر هتي ڳالهہ ئي ابتي • جيڪو ڏاڍو سو گابو• ويچارا چپ، ڪير ڪڇي، ويڙهو واڳون اکيون ڪرڙيون ڪري، ڏند ڏيکارڻ لڳا. چون، اهو اَن مـُک مانگر هو، جو ڳوڙها ڏيکاريندو هو، هاڻي دوُر بدلجي ويو آهي، هاڻي ڏند ڏيکاربا.

زيان خور واڳون پٽڪو ٻڌي ويٺو ۽ مـُک مانگر جا شڪار جانچڻ لڳو. گهڙي کي بہ، چپٽي ۾ ڪٽي ڏنائين ڪل اچي ويس، پلا هي گهڙو ويچارو اچي پوڙهو ٿيو آهي، هروڀرو جو پيـو ٿو دال ماني کائي سو چيائين، ”بابلو چـُٽي ڪر.“

گهڙو اونداهي ڪوني مان ٻاهر نڪتو، سڄ اکيون ٿي ڪڍيس، هلي نہ سگهي — ٻاويهہ مهينا ساندهہ سندس دل دماغ، هينئڙي ۾ هڏڙين ۾ جو سور پئي پرين، ڪيس سهڻي ميهار ۾ امڙ ياد اچڻ لڳا. سو وري بہ سورن جي سمنڊ ۾ گهڙي پيو، ٽـُلڪي ٽـُلڪي اچي سنڌو جي ڪنڌيءَ تي سر ٽيڪيائين. امڙ ڏسي ورتس، نرڙ تي چمي ڏيئي چيائينس، ”اچي ويئين ٻچڙا.“

”ها جيجان، منهنجا ميهار ڪيئن آهن جيجان •“

”ڏکن ۾، ٻکن ۾، بيمار ۽ بيحال پنهنجا ميهار ننڊ پيا آهن ٻچڙا.“

”سهڻي ڪانہ ٿي اتارين امان •“

”نہ پٽ تو ڪانپوءِ سهڻيءَ کي بہ ٻي ڪنڌيءَ تي ديس نيڪالي ڏيئي ڇڏي اٿن •“

”الا، سهڻي ٻي ڪنديءَ تي آهي.“ گهڙي ٽڌو ساهه ڀريو.

”ها، هن پار رهجي ويئي آهي ۽ مُک مانگر پنهنجن پيتوڙ واڳوئن سميت وري به خشڪي تي نڪري، ڳوڙها پيو وهائي. سادا سپا جهڙا ميهار ڏتن ۾ اچي ويندس پُٽ، تون انهن کي جاڳاءِ، تون سهڻيءَ کي وٺي اچ- وٺي اچ ته روشني ٿئي، ڏاڍي اونداهه آهي.“

”مان وٺي ايندس جيجان، مونکي دعا ڪر پر.... مان پوڙهو ته ڪونه ٿي ويو آهيان؟“

”ديس جو درد رکندڙ دليون ڪڏهن پوڙهيون نه ٿينديون آهن پٽ.“

”امڙ، وقت مونتي ظلم ڪيو آهي. واڳوئن منهنجي دل، دماغ، هينئين ۽ هڏڙين ۾ يڪا پاويهه مهينا سور ڀريو آهي امان، مان سهڻيءَ جو بار ڪٿي سگهندس امان.“

امڙ جي ڇاتيءَ سان مٿو لڳائي روئي ڏنائين، جيجان جو چولو آلو ٿي پيو. امڙ ڳرانٽڙي پائي چيس، ”مايوس نه ٿي پٽ، سهڻي بار نه آهي، سهڻي ته جذبو ۽ احساس آهي، سچ جو اظهار آهي، همت ڪر پٽ! سچ جي ڪوڙاڻ واڳوئن جو ڪاڪڙو ڪيرائي وجهندي. سهڻيءَ کي هن ڪنديءَ تي تون آڻي سگهندين؟“ امڙ جي هٿ تي چمي ڏيئي چيس، ”دعا ڪجان جيجان، مان وڃان ٿو.“

”تون ٿڪي پيو آهين ٻچا، اءُ ته گهڙي ڪن تو کي هنج ۾ ويهاريان.“

”نه منڙي ماءُ، مونکي سرخرو ٿيڻ ڏي، مونکي سهڻيءَ وٽ وڃڻ ڏي. تنهنجي راهه ۾ مان مري وڃان ته پوءِ مونتي ناراض نه ٿجان امڙ. مونکي پنهنجي هنج ۾ هميشه لاءِ سمهاري ڇڏجان، مون کي تنهنجي ٿڌڙي هنج ۾، جو سڪون ملندو، سو بهشت ۾ به نه ملندو. مونکي هنج ۾ سمهاريندين نه؟“

”تون ته منهنجو ساهه آهين ٻچا، پر مان منهنجن سيني ٻچن کي هنج ۾ سمهاريندي آهيان، هوءَ منهنجو سودو ڪندا آهن، پر آهن ته منهنجا ٻچا نه.“

”اڄ تون ڪيڏي نہ عظيم آهين، تون ڪيڏي نہ ڀاڄهاري آهين، تنهنجو سينو ڪيڏو نہ ڪشادو آهي. مونکي تنهنجي مٽيءَ جي ذري ذري جو قسم، مان سنڌوءَ مان چوندي چوندي هڙئي واڳون ماري ڇڏيندس.“

گهڙو بيمار بدن ۾ ديس جو درد کڻي درياهہ شاهہ ۾ ٽوڪي پيو. هن ڪنڌيءَ تي سهڻي ميهارن جا سور ڏسي ڦٿڪي پئي. سنڌو ڪنڌيءَ تي ڦيريون پائي پائي بيحال ٿي پيئي، ڪيئي ڏينهن ٿي ويا گهڙو ڪين وريو. شايد ڪيس واڳونءَ پڇي ڇڏيو. ڪائي ڪپائي ڇڏيو. هاڻي منهنجو جيئڻ ڪهڙو. مان بہ وڃان ميهارن ڏانهن، واڳون ماري ڇڏين، هتي ڦٿڪڻ کان ميهارن ڪاڻ مرڻ چڱو. درياهہ شاهہ ۾ ٽوڪي پئي.

ڇولين ۾ چلڪي، ساڻي تي پئي ۽ اهڙن حالن وارو گهڙو بہ تلڪي تلڪي اچي ويجهو ٿيس.

”سهڻي مان اچي ويو آهيان سهڻي، مان ميهارن لاءِ توکي وٺڻ آيو آهيان سهڻي.“

ٻئي ٻانهون پکيڙي، سهڻي گهڙي کي، ڪا گهڙيءَ، گهري ياڪي پائي ڇڏي. دل وگهري پيس، اکيون آليون ٿي پيس، ”تون مونکي هيترا ڏينهن اڪيلو ڇڏي وئين ساٿي ڇو ڇڏي وئين؟ ساٿي ڇو؟“

”مان توکي ڪڏهن نٿو ڇڏي سگهان سهڻي، مونکي واڳون تنهنجي ڇاتيءَ تان ڦري ويا.“

”پر مون انهن جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو ساٿي، جو مونکان توکي کسي ورتن.“

”تو ۽ مون سچ جو ڏوهہ ڪيو آ سهڻي، سچ وڏو ڏوهہ آهي سهڻي. جيجان چوندي آهي، سچ جي ڪوڙاڻ، واڳوئن جوڪاڙو لاهي وجهندي آهي.“

”پر تون اڃا جوان آهين سهڻي، تون امر آهين، مان هر جنم ۾ توکي ميهارن تائين پهچائيندو رهندس سهڻي.“

”نہ نہ، تون مونکي اڌ ۾ ڇڏي ويندو آهين، تون بيوفا آهين.“

گهڙو ۽ سهٽي ٽُلڪي ٽُلڪي سنڌوءَ ڪنڌي اچي پهتا. ڏرتي ماءُ مرڪي رهي هئي.

”هاٿي ٻچڙا ته ڪي ڪير به سهٽيءَ جي ڇاتيءَ تان نٿو کسي سگهي. هاٿي سهٽي ڪڏهن به وچ سير ۾ نٿي ٻڏي سگهي. ڪڏهن به نه، ڪڏهن به نه....“

هاٿي وري به روشنيون ٽينديون، لاٽون اپرنديون، باهيون ٻرنديون، وانون وڍيون، گوشت سيڪبو، رت ٽهڪندو، ميهار اٿندا، ميهار وڙهندا. ٻوليءَ جي آزادي لاءِ، پنهنجي جائز حقن لاءِ هڪ هڪ واڳون کي چونبڙي چونبڙي سؤنتا هٽي ماري وجهندا. وقت اچي ويو آهي.

---


* قرت العين ڪهاڻي — ڪتر ۾ انساني جذبن جو بهترين اظهار ڪري ٿي.
* قرت العين جو فن اعليٰ شاعريءَ جي آتاهينءَ تائين وچي ٿو ڪلهو هٽي.

’آگ ڪا دريا‘ جي جڳ مشهور ليکڪا

**قرت العين حيدر**

جو ناوليٽ

# سيتاهرن

— خوبصورت عورت جي محبت جو ڏو ڪيندڙ انجام
— انسانيت پرستيءَ جي روايت جي ناڪاميءَ جو اوسارو
— لڏپلاڻ جو تلخ تجربو

* هڪ نئون انداز
* هڪ نئون لهجو
* هڪ نئين معنيٰ

**وليرام ولڀ** جو ترجمو ڪيل

ٽائيٽل ڊزائين **فتاح**

خط ـ اڌ ملاقات آهي

# اڌ ملاقات

طارق اشرف

جي انهن خطن جي مجموعي جو نالو آهي
جيڪي هن جيل مان مختلف ماڻهن کي
لکيا هئا.

اڌ ملاقات

طارق اشرف جو ايندڙ ڪتاب آهي
جيڪو نيو فيلڊس پبليڪيشنس جي پاران
نومبر ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿي ويندو

سهڻو ڊائيٽل، صفحا ۾ سؤ کان مٿي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ميمڻ محلا، حيدرآباد، سنڌ

# لوئس

(انگريزي ڪهاڻي)

## سمرسٽ ماهم

سنڌيڪار: نصير اعجاز

مان اهو ڪڏهن به سمجهي نه سگهيس ته لوئس مون مان ڳهرائپ ڇو ورکي. هوءَ مونکي ناپسند ڪندي هئي ۽ مونکي خبر هئي ته منهنجي پر پٺ، پنهنجي خاص انداز ۾، منهنجي خلاف ڳالهائڻ جو موقعو ڪڏهن به نه وڃائيندي هئي. هوءَ ڪابه ڳالهه سڌو سنئون نه چئي سگهندي هئي، پر اشارن، ٿڌن ساهن ۽ پنهنجي خوبصورت هٿن جي حرڪت جي مدد سان پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ جي قابل ٿي ويندي هئي. ڳالهين کي وڏائي بيان ڪرڻ ۾ هوءَ ماهر هئي. اهو صحيح آهي ته اسان هڪٻئي کي اٽڪل پنجويهه سالن کان سڃاڻيندا هئاسين، پر اهو مڃڻ منهنجي لاءِ ناممڪن هو ته هوءَ پراڻي سنگت جي زير اثر هئي. هوءَ مونکي جهنگلي، بيوقوف، جانور، پوڻڪندڙ ڪتو ۽ غير حيثيت ماڻهو سمجهندي هئي. سندس نيڪا نپٽي تي مونکي ڪاوڙ ايندي هئي. حقيقت ۾ هن ڪجهه به نه ڪيو هو، نه ئي هن ڪڏهن مونکي اڪيلو ڇڏيو هو. هوءَ سدائين مونکي لنچ ۽ ڊنر لاءِ چوندي هئي ۽ سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا هفتي جو آخري ڏينهن ماڻس، گهر گذارڻ جي دعوت ڪندي هئي. نيٺ مون سوچيو ته ڪيس ٿورو شڪ آهي ته، مونکي مٿس اعتبار ناهي ۽ جيڪڏهن مونکي ناپسند

لوئس پنهنجي ڳالهه جي پڪي هئي. شاديءَ جي تاريخ
ٿر ٿي. ڪنوار جي قيمتي وڳي لاءِ آرڊر ڏنو ويو. دعوت
مه ورهايا ويا. آڏرس ۽ نوجوان پڪي رهيا هئا. شاديءَ جي
نهن، صبح جو ڏهين بجي لوئس، شيطاني عورت کي دل جو
ورو پيو ۽ مري ويئي. هوءَ آڏرس کي سندس موت جي معافي
ئي مري ويئي.

---

گوندر ڪڍيا گوڻيچ، نفرت، پيار جي سرحد، او زندگي زندگي
۾ ٻين ڪهاڻين سان گڏوگڏ
ٻه نئيون آٽ-چيپل ڪهاڻيون

طارق اشرف

جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو

# زندگيءَ جو تنها مسافر

احساس، نا محروميءَ جي شڪار ڪردار جون ڪهاڻيون.
مايوس ۽ نااميد انسانن جون ڪهاڻيون.
ڪجهه تلخ حقيقتون، ڪجهه نا تمام خواهشون.
اڌورن خوابن ۽ پوريون نه ٿيندڙ آرزوئن جون ڪهاڻيون.


نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ميمڻ محلا، حيدرآباد سنڌ.

نظم
وائي
سر سورٺ
نظم
وائي، نظم

# شعر

رسول بخش پليجو
ابراهيم منشي
امداد حسيني
ثريا سنڌي
واجد ناز

چونڪاري لاءِ جاڪوڙ

# مضمون

سنڌيڪار: وليرام واپ

# اوهانجي پڇاڙان........

رسول بخش پليجو

اج وري به موسم بدلجي پيئي،
وري به ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿيڻ
لڳيون آهن،
رات پنهنجي سينڌ ۾ تارا ڪتيون ۽ چنڊ
پيئي سجائي،
ڳوٺ ۽ وستيون، شهر ۽ بازاريون اهي ئي
آباد آهن.

هميشه وانگر هر هنڌ ٻار آهن،
ڪي رويو رڙيو وريو کلن ڪڏن پيا،
ڪي کليو ڪڏيو وريو روئن رڙن پيا،
مائرن جون اکيون اهي ئي پاڻ، قرب ۽
فخر ڀريل اٿاهه پيار سان ٽمٽار آهن.
اج به ڌرتيءَ جي هر شيءِ ۽ هر نظاري
مان سونهن سڏ پيئي ڪري—
درين جي سيرن، ڀڪڙيل درن، اڱڻن ۽
چٽين تان،
پنڌن پيچرن، پيهن ۽ ڪوهن تان
ڏيڳي گاڏين، بسن ۽ ريلن جي گاڏن منجهان.
اج به پيار جون سڪون، سرمستيون ۽ سوڀون
سوايون آهن،
اج به بي وفائي ۽ وڇوڙي ۽ پڇتاءُ
جا نانگ سينن تي سُرن پيا.

اج به،
مظلوم ماڻهو، قومون ۽ ملڪ،

سمورا ڪنڊ، سڄي ڌرتي، سموري انسان ذات
جڳ ۾ ڦر لٽ، ظلم ۽ اونده انڌڪار مچائيندڙ
وحشي آدمخورن سان
ٻکين پيل آهن

اڄ به،
حق ۽ انصاف، سونهن ۽ سچ پاران
محنتون، مزسيون ۽ ويڙهيون ڪرڻ وارن
سورهين جي،
سرخرو ۽ سوڀارن ڪارنامن جي سڱنڌ
ولايتون واسي سڄي سنسار کي سرهو
پيئي ڪري.
”اڄي آري ۽ ڄام جو وڻ وڻ منجهان واس.“

اڄ به،
پنهنجي وطن جا عوام، سڄي جڳ جهان جا عوام،
پختي ارادي ۽ اٽل يقين سان،
ڪڏهن آهستي آهستي، ڪڏهن وڏا وڏا چال ڏيئي،
ڪٿين لاڙهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن مان لنگهي،
پنهنجي روشن ۽ شاندار آئيندي ڏانهن وڌي
رهيا آهن.

اڄ، اوهان جي پڄاڻان به،
دنيا اهڙي ئي رنگين، روشن ۽ اسرارن سان
پريل نت نئين، سدائين بدلجندڙ ۽ سدائين
پياري ۽ نياري آهي،
جهڙي اڳ،
اوهان جي هوندي هوندي هئي.

آءٌ اڄ به سوچيان ۽ لوچيان، پڙهان ۽ لکان ٿو،
اڄ به جهجهن سان گڏ پنهنجي مقصد لاءِ

پورهيا، ڪشالا ۽ ويڙهيون ڪريان ٿو،
اڄ به سنگتين سان گڏ قيد ڪاٽيان ٿو،
اڄ به پيار ۽ نفرت ڪريان ٿو،
اڄ به انهن کي چاهيان ٿو،
جن کي اڳ چاهيندو هوس —
گاهن، گلن ۽ وڻن کي، ٻارن ۽ مائرن کي،
سونهن ۽ پيار کي،
مسڪين ۽ مظلوم، محبوب ماروئڙن سان،
محبت ڪرڻ وارن، منجهن ويساه رکڻ وارن،
سندن پاسو ۽ پٺ وٺڻ وارن، ساڻن توڙ
تائين پت پارڻ وارن،
شاعرن، اديبن، عالمن، دانشورن، فنڪارن،
فيلسوفن، سائنسدانن ۽ سياسي رهبرن کي،
سڄي دنيا جي وطن دوستن، انقلابين،
حق پرستن ۽ مڙس ماڻهن کي،
سڄي ڌرتيءَ کي، سڄي انسان ذات کي....

اڄ به انهن کي ڌڪاريان ٿو
جن کي اڳ ڌڪاريندو هوس
بي رحمن، ظالمن کي، مفت خورن ۽ ڦوروئن کي
تعصبين ۽ مردارن کي،
پنهنجي وطن، پنهنجي قوم، پنهنجي عوام جي
ويرين کي،
سڄي دنيا جي سمورن وطنن، سمورن قومن ۽
سموري عوام جي ويرين کي.

اڄ به،
آءٌ ۽ هيءَ دنيا،
اهڙائي آهيون،

جهڙا اڳ، اوهان جي هوندي.

پر ان هوندي به،
اوهان جي پڇاڻان،
الائي ڇو، الائي ڪٿان، الائي ڪيڏي مهل
هيٺين جي ڪا ٽوٽي ڊهي پيئي،
وجود جو ڪو اندريون هڏ ڀڄي پيو،
”ويرو تار ڏکن، سڄڻ ڀڳي هڏ جيئن!“

اوهان جي پڇاڻان
روح جي گهر ۾
هڪڙو اهڙو قضيو ٿي پيو
جنهن جي اڻ لکي خاموش ماتم ۾،
منهنجو من، ساهه جي پوئين پساهه تائين،
ڪفن ويڙهيو وتندو
نه ته هونئن، منهنجا پرين،
اڄ اوهان جي پڇاڻان به،
آءُ ۽ هيءَ دنيا،
اهي ئي ساڳيا ۽ اهڙا ئي آهيون.

# وائي

## ابراهيم منشي

چت نه چنگ سان چير، گهرين سو گهوري ڏيان
سون ڪان مٽان ڪسين، زمين ۽ ضمير....
جهير نه وجهه جهونگار سان، نه ڪي ساڙ سرير....
منهنجي ذات ڏياچ جي، ساڳي خاڪ خمير....
منشي من مگڻا هنيئي، چوري ڪنير ڪير....
چت نه چنگ سان چير، گهرين سو گهوري ڏيان.

# سر سورٺ

امداد حسيني

تند ٻُري ٿي ڪجھ نہ گھڙي ٿي
تند ٻُري ٿي ڪنڌ گھڙي ٿي
گل گلابي ٻول انهيءَ تي
هيرا موتي جھول انهيءَ تي
هاٿي گھوڙا مال انهيءَ تي
سونا روپا ٿال انهيءَ تي
سوڻ سڪن جھڙيون مُرڪون
جھڙيون امرت رت جون سُرڪون
ٻڌ ن جھڙا سچا سُرَ
گھوٽن کي پٽي گھوري گُھر

تند ٻُري ٿي ڪجھ نہ گُھري ٿي
تند ٻُري ٿي ڪنڌ گھري ٿي
سڀ ڪان سٽيو سنڌ گھري ٿي
ڏيل ڏيٺي جي لاٽ مڱي ٿي
ڳيروءَ ڳاڙها ڳاٽ مڱي ٿي
ري سپاڻيءَ ساھ سُري ٿي
اجرڪ تي چڻ پور چُري ٿي
پر جي تنهنجي جند جُھري ٿي
پتر وانگر ديھ پُري ٿي
توتي ڪابہ معيار نہ آهي
توتي ڪابہ معيار نہ آهي
تون ٻوڙو آن تون نہ ٻڌين ٿو
تون انڌو آن تون نہ ڏسين ٿو
۽ اڪڙيون

مُک تي مکڙيون آهن
ماڻڪ آهن موتي آهن
اونداهيءَ ۾ جوتي آهن
هينئڙي هيچُ انهن کان آهي
مُک تي تيج انهن کان آهي
پر جنهن مُک تي اک نه آهي
اَن جو مُلهه نه ڪَکُ به ناهي!

## جيڪر ڪاري رات هجان ها....

ثريا سنڌي

جيڪر ڪاري رات هجان ها
چنڊ ستارن کان خالي
ڪارونڀاري ڪڪرن ۾ ويڙهيل
اونداهي آماس هجان ها
جيڪر ڪاري رات هجان ها....
نيڻ اَجهاميل ديپ هجن ها
گونگا سارا گيت هجن ها
روح اندر آواز نه آهٽ
ڪنڌر جان خاموش هجان ها
جيڪر ڪاري رات هجان ها....
ويران ڏڪ تي اَن وڻ وانگر
جنهنجو پوپون پن ڇڻي ويو
وياڪل وياڪل، تنها تنها
آجڙيل ۽ آداس هجان ها
جيڪر ڪاري رات هجان ها....
ڪوئي ماڳ نه ڪوئي منزل
نگري نگري، وستي وستي
صحرا صحرا، بستي بستي
ڀٽڪيل ڪو بنواس هجان ها
جيڪر ڪاري رات هجان ها....

## وائي

واجد ناز

ڏرتي ننڍڙن نتن، آپ سمورو آس
آپ سمورو آسَ
آهن آڳ آلا ٿيا، گلن پريا ڪَس
آپ سمورو آسَ
رت نراشا نت، رنا مندن رَس
آپ سمورو آسَ
مڏ ڪا پريا سڪ، چڪيا چڙهي چِس
آپ سمورو آسَ
چهرا چٽنگ سمان، اکيون آڳ لهيس
آپ سمورو آسَ
آپ سمورو آسَ

## اسان اديب

اسان جي نگاهن ۾
مرڪي نهاريو
ڀا نفرت ۽ ڪلفت
جي باهه ۾ جلندي
غصي مان تکيو
مگر پنهنجي من ۾
نه آ ڪوٽ ڪنهن لئه
اسان آشتيءَ جا
پيامبر اديب
اسان کان ڪٿي
پڇندي نفرت ڪرڻ
اسان ٿي محبت ڪي
جيوت ڏني آ.

# چوڻڪاري لاءِ جاکوڙ

**سنڌيڪار: ولي رام ولڀ**

١٩٤٢ع ۾ هڪ انٽرويو ۾ ارنيسٽ هيمنگوي چيو هو: گذريل لڙائي ۾ حصو وٺڻ ۾ سيني کي احمق سمجهان ٿو. پر هيمنگوي جي پهرين ۽ ٻي عظيم جنگ ۾ لاڳاپيل ڪارنامن کان دنيا واقف آهي. آسٽريا جي فوج سان ٿيل هڪ لڙائي جو ذڪر ڪندي هيمنگوي لکيو هو: هڪ اڇي روشني، جا تمام جلدي ڳاڙهي رنگ ۾ بدلجي ويئي، طوفان جيئن اسانجي اوچان لنگهي ويئي. اسانجي ڪنن جا پردا ڦاٽي پيا ۽ آهسته روشني اسانجو ساهه مُٺ ۾ ڪري ويئي. مون گهڻيئي ڪوشش ڪئي پر ساهه ڪڍي نه سگهيس. سامهون اڳيان زمين ڦاٽي ويئي هئي. مون ڇُرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇُري نه سگهيس. نديءَ جي پرئين پـر بندوقن ۽ مشين گنن جا آواز اچي رهيا هئا. مونکي ائين لڳو ڄڻ مون ربڙ جا بوٽ پاتا هئا ۽ منجهن گرم گرم پاڻي پرجي ويو هو. منهنجي ڀرسان هڪ شخص ليٽيو پيو هو. هو صفا ماٺ هو. ٿورو پريان هڪ ٻيو شخص روئي رهيو هو. هو ڪافي ڏکيل هو. هيمنگوي ڪيس ڪنڌ ۽ ٽنگن کان جهلي اُٿاريو. منڊڪائيندو جيئن تيئن هو ڪيس چؤڪي تائين ڪڍي وڃڻ ٿي چاهيو. اڃا هو پنجاهه وال ڪن مس اڳتي ويو هوندو ته مشين گن جو هڪ رائونڊ سندس ساڄي ٽنگ ۾ پار ٿي ويو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس ٽنگ هڪ برف جو ٿڌو بال هو. هو ٿاٻو کائي ڪري پيو. هيمنگوي کي ڪڏهن ياد نه اچي سگهيو ته هو انهيءَ شخص سان چؤڪيءَ تائين ڪيئن پهتو. ها، ايترو ياد رهيس ته اتي پهچنديئي هو بيهوش ٿي ويو هو.

”مونکي ننڊ پئي آئي، جنهن وقت مون جيل ۾ ٢٢ مهينا
ڪتاب کنيو. پر پڙهندي ننڊ آڏامي وئي، ۽ ڪتاب
يڪساهي ۾ پڙهي پورو ڪيم.“

— م۔ ع۔ ڏيپلائي

’اهو رايو فقط مشهور ۽ بزرگ ليکڪ ڏيپلائي صاحب
جو ڪونهي، بلڪ اڪثر پڙهندڙن جو رايو اِهو ئي آهي.‘

## طارق اشرف

## جي جيل جي ڊائري

# جيل

# ۾ ٢٢ مهينا

جيل جي موضوع تي پنهنجي نوعيت جي پهرين ڊائري.
جيل ۾ عام قيدين سان جيل انتظاميه جو ورتاءُ ڪهڙو آهي.
جيل ۾ سياسي قيدين جي سوچ ڪهڙي آهي.
جيل ۾ ڇاڙو وهي واپري.
جيل ۾ مختلف قيدين سان گهاريل گهڙيون.

جيڪي جيلن ۾ ويندا انهن لاءِ لازمي ڪتاب.
جيڪي جيلن ۾ نه ويندا انهن لاءِ ڪارائتو ڪتاب.
جيڪي جيلن ۾ آهن انهن لاءِ اثرائتو ڪتاب.

ڪارڊ ڪور — صفحا ۽ سؤ

قيمت: ٠٠–٨ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:

**سهڻي پبليڪيشنس**

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ.